# محبتِ اِلٰهي جو عَملي اظهار

**10-Zil Hajj-1446H**

عيدُ الاَضحيٰ
جو بيان

(2025ء/1446ھ)

(For Islamic Brothers)

عيدُالاَضحيٰ جو بيان (2025ء / 1446ه)

# محبتِ الٰهي جو عملي اظهار

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... قرباني جي عيد اِيثار جي جذبي جو اظهار آهي
- ✿... 10 ذوالحج جي فضيلت
- ✿... محبتِ اِلٰهي ڇاکي چئبو آهي؟
- ✿...عيد جي نماز جو طريقو

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دروِد پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو ڏينهن ۾ مون تي هڪ هزار ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي، اهو ان وقت تائين نہ مرندو، جيستائين جنت ۾ پنهنجو مقام نہ ڏسي وٺي.[1]

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرُود پڑھو | مُحِبّو پاؤ گے جنت میں گھر دُرُود پڑھو[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اُٺ ذبح فرمايا

حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري محبوبِ خُدا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ 5 يا 6 اُٺ ذبح لاءِ پيش ڪيا ويا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن انهن ڪي نحر (قربان) ڪرڻ جو ارادو فرمايو تہ اهي اُٺ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌي پاڻ ڪي بارگاهِ

1... الترغيب فی فضائل الاعمال،باب مختصر من الصلاة علی رسول اللہ ...الخ، صفحہ:14، حديث:19۔
2 ...نورِ ايمان، صفحہ:56۔

رسالت ۾ پيش ڪرڻ لڳا تہ جيئن اهڙن رحمت ڀرين هٿن سان سڀ کان پهريان مون کي قربان ٿيڻ نصيب ٿئي. (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نرالي شان آهي...! اسان وٽ جڏهن جانور کي قرباني لاءِ آندو ويندو آهي تہ اهو ڇُڙي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڪيئي ڀيرا تہ وڏو جانور ڇُڙي ڀڄي بہ ويندو آهي ۽ ڪافي نقصان ڪري وجهندو آهي، پر اسان جي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نرالي شان تي هزار جانيون قربان...! يقيناً هر هڪ کي جان پياري هوندي آهي پر هي ڪمال آهي آمنہ جي لعل، رسولِ بي مثال صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تہ جانورَ بہ سندن ڪرم واري هٿ سان قربان ٿيڻ کي زندگي کان بهتر سمجهن ٿا.

ہر اِک کی آرزو ہے پہلے مجھ کو ذَبح فرمائیں | تماشا کر رہے ہیں مرنے والے عیدِ قرباں میں (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! عشق وارن جا انداز نرالا آهن، هتي سچي عاشقِ رسول، شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو جذبو ڏسو! لکن ٿا:

اُونٹ بن گیا ہوتا اور عیدِ قرباں میں | کاش! دستِ آقا سے نحر ہو گیا ہوتا
کاش! ایسا ہو جاتا خاک بن کے طیبہ کی | مصطفٰے کے قدموں سے میں لپٹ گیا ہوتا (3)

الله ڪريم اسان سيني کي عشقِ رسول جي اهڙي باڪمال نعمت نصيب فرمائي. اٰمِیْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1...ابو داؤد، کتاب المناسک ،باب فی الہدی اذا ...الخ،صفحہ:286 ،حدیث:1765خلاصۃً۔
2...ذوق نعت ،صفحہ:192۔
3...وسائلِ بخشش ،صفحہ:158 - 159 ملتقطًا۔

# قرباني جي عيد ايثار جي جذبي جو اظهار آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اڄ يَوْمُ النَّحر (يعني قرباني جو ڏينهن) آهي، اڄ اهو مبارڪ ڏينهن آهي جو جنهن ڏينهن اللّٰه پاڪ جي پياري خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جن محبتِ الٰهي جو عملي ثبوت ڏيندي، ربِّ ڪريم جي رضا خاطر پنهنجي پٽ جي ڳِچيءَ تي ڇري رکي ۽ عشق ۽ محبت، اِتّباع ۽ فرمانبرداري ۽ ايثار جي جذبي ۽ اُلفت جي هميشه رهندڙ مثال قائم فرمائي.

عيد قرباں جذبۂ ايثار کا اِظْہار ہے | يہ اطاعت کا خليل اللّٰہ کی معيار ہے
ہے يہ تسليم و رضا کی ايک لافانی مثال | جان دينے کے لئے فرزند بھی تيار ہے
باپ کا حُسنِ عَمَل، بيٹے کا ذوقِ اِتباع | اس مثالی داستاں کا مرکزی کردار ہے

## 10 ذوالحج جي فضيلت

اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اَعْظَمَ الْاَيَّامِ عِنْدَ اللّٰهِ يَوْمُ النَّحْرِ بيشڪ اللّٰه پاڪ وٽ سڀ کان عظمت وارو ڏينهن يومُ النَّحْر (يعني 10 ذوالحج جو ڏينهن) آهي. (1)

حضرت براء بن عازِب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: يَوْمُ النَّحْر (يعني عيد الاضحيٰ جي پهرين ڏينهن) سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خطبو ڏيندي فرمايو: اِنَّ اَوَّلَ مَا نَبْدَءُ بِهٖ فِيْ يَوْمِنَا هٰذَا اَنْ نُصَلِّيَ يعني اڄ جي ڏينهن اسان سڀ کان پهريون ڪم جيڪو ڪنداسين اهو (عيد جي نماز پڙهڻ) آهي، ثُمَّ نَرْجِعَ فَنَنْحَرَ پوءِ اسان گهرن ڏانهن ويندا سين ۽ قرباني

---

1... ابو داؤد، كتاب المناسک ،باب فی الہدی اذا ...الخ،صفحہ:286 ،حديث:1765ملتقطًا۔

ڪنداسين، فَمَنْ فَعَلَ ذٰلِكَ فَقَدْ اَصَابَ سُنَّتَنَا پوءِ جنهن ائين ئي ڪيو، اهو اسان جي سُنت کي پهچي ويو. (1)

## عيدُ الاَضحيٰ جو سڀ کان پسنديده عمل

حديث پاڪ جي مشهور ڪتابن: تِرمذِي ۽ اِبنِ ماجه ۾ مسلمانن جي پياري اَمڙ سائڻ حضرت عائشه صديقه، طيبه طاهره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْها کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: يَوْمُ النَّحْر (قرباني جي ڏينهن) انسان جي عملن ۾ الله پاڪ وٽ سڀ کان پسنديده عمل (قرباني جي جانور جو) رت وهائڻ آهي. بيشڪ قرباني روزِ قيامت پنهنجن سڱن، وارن ۽ کُرن سان گڏ آندي ويندي ۽ بيشڪ (قرباني جي جانور جو) رت زمين تي ڪرڻ کان پهرين الله پاڪ وٽ بلند مقام تي پهچي ويندو آهي. پوءِ خوش دلي سان قرباني ڪريو! (2)

نشاني ہے وفا کی اور اِک نعمت ہے قربانی | خُدا کے دوست ابراہیم کی سُنّت ہے قربانی
مسلمانوں کبھی قربانی سے پیچھے نہیں ہٹنا | وقارِ دِین ہے، اسلام کی شوکت ہے قربانی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرباني محبتِ الٰهي جو عملي اظهار آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جن جي لازوال(هميشه رهندڙ) قرباني جو واقعو وڏو مشهور آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْیَ قَالَ یٰبُنَیَّ اِنِّیْۤ اَرٰی فِی الْمَنَامِ اَنِّیْۤ اَذْبَحُكَ

ترجمو ڪنزُالعرفان: سو جڏهن اهو ان سان گڏ ڪوشش ڪرڻ جي قابل عمر کي

1... بخاری ،کتاب العیدین،باب التکبیر الی العید،صفحہ:292 ،حدیث:968۔

2...ترمذی،کتاب الاضاحی،باب ما جاء فی فضل الاضحیہ ،صفحہ:383 ،حدیث:1493۔

فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ؕ قَالَ یٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ۫ سَتَجِدُنِیْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیْنَ ﴿۱۰۲﴾ فَلَمَّاۤ اَسْلَمَا وَ تَلَّهٗ لِلْجَبِیْنِ ﴿۱۰۳﴾ وَ نَادَیْنٰهُ اَنْ یّٰۤاِبْرٰهِیْمُ ﴿۱۰۴﴾ ۙ قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْیَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِیْنُ ﴿۱۰۶﴾

(سيپارو: 23، سوره صافات: 100. 106)

پھتو تہ ابراھيم چيُس: اي منھنجا پٽ! مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان توکي ذبح ڪري رهيو آهيان. هاڻي تون ڏس تہ تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ پٽ چيو: اي منھنجا پيءُ! تون اهو ڪر جنهن جو توکي حڪم ڏنو پيو وڃي اِنْ شَآءَ الله عنقريب تون مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لھندين. پوءِ جڏهن انهن ٻنهي (اسان جي حڪم تي) ڪنڌ جهڪايو ۽ پيءُ پٽ کي پيشاني ڀر لِٽايو (ان وقت جو حال نہ پڇ) ۽ اسان ان کي پڪاريو تہ اي ابراھيم! بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اهڙو ئي صلو ڏيندا آهيون. بيشڪ اها ضرور ظاهر آزمائش هئي.

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي هن بي مثال قرباني مان اسان کي گھڻو ڪجھ سکڻ لاءِ ملي ٿو، مثال طور: ۞ ان ۾ اطاعت ۽ فرمانبرداري جو درس آهي ۞ ان ۾ ايثار ۽ قرباني جو درس آهي ۞ ان ۾ والدين جي فرمانبرداري جو درس آهي ۞ ان ۾ ربِّ ڪريم جي رضا لاءِ تن من ڌن جي قرباني پيش ڪرڻ جو درس آهي ۞ ان کان علاوه ٻيا بہ گھڻا ئي سبق آهن جيڪي اسان کي هن قرباني مان سکڻ لاءِ ملن ٿا پر اڄ جيڪا ڳالھ اسان کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اها هيءَ آهي تہ آخر ربِّ ڪائنات حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي پٽ قربان ڪرڻ جو ئي حڪم ڇو ڏنو؟ ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ڪهڙي حڪمت لڪيل آهي؟ ڏسو! قيامت

تائين سنتِ ابراهيمي کي زنده رکڻو هو، ان لاءِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام گهيٽو ئي ذبح ڪري ڇڏين ها، تڏهن بہ ڪافي هو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام وٽ هزارن جي تعداد ۾ جانور موجود هئا، اهي سڀ جا سڀ قربان ڪري ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ڇڏجي ها، تڏهن بہ هي هڪ وڏي قرباني هجي ها پر الله پاڪ پٽ ئي قربان ڪرڻ جو حڪم ڏنو، آخر ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟

مُفسرينِ ڪرام ان جي حڪمت بيان فرمائي تہ اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ الله پاڪ پوڙهائپ جي عمر ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي پٽ عطا فرمايو، هاڻي ماءُ پيءُ کي اولاد سان فطري طور تي محبت هوندي آهي، ان ۾ ڪو حرج بہ نہ آهي بلڪ هي محبت هئڻ گهرجي، دين ۾ ان جي ترغيب ڏياري وئي آهي پر حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪا گهٽ رتبي واري شخصيت نہ هئا، پاڻ خَلِيْلُ الله هئڻ جي بلند ترين مقام تي فائز هئا تنهنڪري غَارَ عَلَيْهِ سُبْحَانُهٗ فَاخْتَبَرَ سو الله ڪريم کي غيرت آئي تہ الله پاڪ سندن امتحان ورتو. [(1)]

جڏهن هي امتحان ٿيو تہ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي ڳلي تي ڇُري رکي عملي طور تي اظهار ڪري ڇڏيو تہ اي مالڪِ ڪريم! مان پٽ سان محبت ڪريان ٿو پر پنهنجي لاءِ نہ بلڪ تنهنجي ئي رضا لاءِ ڪريان ٿو، منهنجي دل ۾ صرف ۽ صرف تنهنجي ئي محبت آهي، باقي جنهن جنهن جي محبت آهي، اها تنهنجي ئي رضا لاءِ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي اهو راز جنهن لاءِ پٽ جي قرباني جو حڪم ڏنو ويو، اهو ئي اهو درس آهي جيڪو اسان کي هر سال ياد ڏياريو ويندو آهي.

---

[1]...تفسيرِ جيلانی ، پاره: 23، الصّٰفّٰت، زيرِ آيت: 102 ، جلد:5 ، صفحہ: 217 خلاصةً۔

عِیدِ قرباں سے مقدّس نہیں کوئی تقریب | اس طرح بُھولا سبق یاد دِلایا گیا ہے

## الله پاڪ غيرت فرمائيندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ غيرت فرمائيندو آهي، اڄ اسان کي قرباني ڪرڻي آهي تہ ان ۾ هن غيرت کي بہ لازمي ياد رکڻو آهي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ يَغَارُ وَ غَيۡرَةُ اللّٰهِ اَنۡ يَّاۡتِيَ الۡمُؤۡمِنُ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِ بيشڪ الله پاڪ (پنهنجي شايانِ شان) غيرت فرمائيندو آهي ۽ الله پاڪ جي غيرت ان ڳالهہ تي آهي جو ٻانهو اهي ڪم ڪري جيڪي الله پاڪ ان تي حرام ڪيا آهن. (1)

شيخ عبد الحق مُحدثِ دهلوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ کي پنهنجن ٻانهن سان جيڪا محبت آهي، ان جي بنياد تي ٻانهن کي گناهن کان منع فرمائيندو آهي تہ جيئن اهي بارگاهِ الٰهي جي قُرب کان پري نہ ٿي وڃن، انهيءَ ڳالهہ کي غيرتِ الٰهي چوندا آهن. (2)

## غيرتِ الٰهي جو مطلب

رِسَالَه قُشَيرِيه ۾ آهي: غيرت جي معنيٰ آهي: شرڪت کي ناپسند ڪرڻ ۽ غيرتِ الٰهي جو مطلب هي آهي تہ الله پاڪ پنهنجي حق ۾ ڪنهن جي شرڪت کي پسند ناهي فرمائيندو. (3)

حضرت محمد بن حَسَّان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان لبنان جي پهاڙن ۾ هئس، اتي مون هڪ نيڪ ماڻهو ڏٺو، اهو مون کي ڏسندي ئي ڀڄڻ لڳو،

---

1...بخاری ،کتاب النکاح،باب الغیرۃ،صفحہ:1342 ، حدیث:5223۔
2...اشعۃ اللمعات،کتاب النکاح،باب اللعان ،الفصل الاول،جلد:4 ،صفحہ:175۔
3...اَلرِّسَالَۃُ الْقُشَیرِیّۃ،باب الغیرۃ ،صفحہ:288۔

مان انھن جي پنيان ڊوڙيس ۽ ويجھو وجي عرض ڪيم: مون کي نصيحت ڪريو! فرمايائون: الله پاڪ کان ڊڄو! بيشڪ الله پاڪ غَيُّور آھي، اھو پنھنجي ٻانھي جي دل ۾ پنھنجي علاوه ڪنھن جي محبت پسند ناھي فرمائيندو. (1)

## حاجت پوري ٿي ويندي

روايتن ۾ آھي: الله پاڪ پنھنجي ھڪ نبي عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانھن وحي موڪلي، فرمايائين: منھنجو فلاڻو ٻانھو مون کان پنھنجي حاجت گھري رھيو آھي جيڪڏھن اھو ھڪ ڪم ڪري ته ان جي حاجت پوري ٿي سگھي ٿي. نبي عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي مالڪِ ڪريم! اھو ڪھڙو ڪم آھي؟ فرمايائين: ان جي دل ۾ منھنجي غير جي محبت سمايل پئي آھي، جيڪڏھن اھو پنھنجي دل کي غير جي محبت کان خالي ڪري ڇڏي ته مان ان جي حاجت پوري ڪري ڇڏيندس. (2)

مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی!
تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے | مرے غوث کا واسطہ یاالٰہی! (3)

## غيرتِ الٰھي کي پسند ئي نه آھي ته...

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جڏھن قرباني جي جانور جي ڳلي تي ڇُري رکو ته ان وقت الله پاڪ جي غيرت کي ضرور ياد ڪجو ۞ ٻانھو الله پاڪ جو ھجي ۽ دل ۾ محبت مال جي رکي ۞ ٻانھو الله پاڪ جو ھجي ۽ دل ۾ محبت دنيا جي رکي ۞ ٻانھو الله پاڪ جو ھجي ۽ دل ۾ محبت عھدي ۽ منصب جي رکي ۞ ٻانھو الله پاڪ جو ھجي ۽ دل ۾ محبت عزت ۽

1...اَلرِّسَالَةُ الْقُشَيرِيَّة، باب الغيرة، صفحہ:290 ملتقطًا۔
2...اَلرِّسَالَةُ الْقُشَيرِيَّة، باب الغيرة، صفحہ:290۔
3...وسائلِ بخشش، صفحہ:105 ملتقطًا۔

شهرت جي رکي ۞ ٻانهو الله پاڪ جو هجي ۽ عبادتن ۾ ڏيکاءُ ڪري ۞ ٻانهو الله پاڪ جو هجي ۽ غيرن جي خوشي چاهي ۞ ٻانهو الله پاڪ جو هجي ۽ الله پاڪ جي گهر مان حَيَّ عَلَى الصَّلَاة جو آواز ٻڌي به حاضر نه ٿئي ۞ ٻانهو الله پاڪ جو هجي ۽ ان جي نافرماني تي تيار رهي، الله پاڪ جي غيرت کي هي هرگز پسند نه آهي. ان لاءِ راهِ خُدا ۾ جانور قرباني ڪندي وقت هن غيرتِ الٰهي کي ضرور ياد رکو! ۽ دل ۾ محبت پريا جذبات رکي، سچي دل سان چئو!

قُلْ اِنَّ صَلَاتِیْ وَ نُسُكِیْ وَ مَحْیَایَ وَ مَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۶۲﴾

(سيپارو: 8، سوره انعام: 162)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ الله جي لاءِ آهي جيڪو سموري جهانن جو رب آهي.

اي مالڪِ ڪريم! ۞ منهنجون نمازون به تنهنجي لاءِ ۞ منهنجي قرباني به تنهنجي لاءِ ۞ منهنجو جيئڻ به تنهنجي لاءِ ۞ منهنجو مرڻ به تنهنجي لاءِ ۞ اي ربِ ڪائنات! اڄ جيئن تنهنجي حڪم تي مان جانور قربان ڪري رهيو آهيان، ائين ئي اڄ کان نفسِ اَمَّاره (يعني براين تي اپاريندڙ نفس) کي به قربان ڪريان ٿو ۞ اي مالڪِ ڪريم! دنيا جي محبت ۞ مال جي محبت ۞ منصب جي محبت ۞ عزت ۽ شهرت جي محبت بلڪ ۞ هر اها شيءِ جيڪا مون کي تنهنجي رستي کان روڪي، انهن سيني جي محبت اڄ کان قربان ڪريان ٿو، اڄ کان منهنجي دل ۾ صرف ۽ صرف تنهنجي ئي محبت موجود هوندي.

یہ اِک جان کیا ہے، اگر ہوں کروڑوں | تیرے نام پر سب کو وارا کروں میں[1]

1 ...سامانِ بخشش، صفحہ:152۔

ڪاش! اسان کي الله پاڪ جي بارگاه ۾ اهڙي شاندار قرباني پيش ڪرڻ نصيب ٿئي.

## هڪ عاشق جي حيرت انگيز قرباني

حضرت مالِڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا وليُ الله آهن، پاڻ فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيري حج لاءِ وڃي رهيو هئس، مون رستي ۾ هڪ نوجوان حاجي کي ڏٺو، نه هٿ ۾ ڪو سامان، نه ڪپڙا، نه ڪا مال ملڪيت، پيادل ئي مڪي پاڪ ڏانهن هلندو پئي ويو، مون کيس سلام ڪيو، هن جواب ڏنو، مون پڇيو: اي نوجوان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ هن چيو: الله پاڪ وٽ. مون پڇيو: زادِ راه (يعني سفر جو سامان) ڪٿي آهي؟ چيائين: انهيءَ (يعني الله پاڪ) جي ذمهءِ ڪرم تي آهي. مون چيو: ايترو ڊگهو رستو بغير کاڌي پيتي جي طَئي نه ٿيندو، ڇا تو وٽ ڪجهه انتظام آهي؟ چيائين: جي ها! مان گهران نڪرڻ وقت 5 حرف زادِ راه( سفر جي سامان) طور کڻي ورتا هئا. اهي 5 حرف هي آهن: ڪٰهٰيٰعٰصٓ ڪاف مان مراد ڪَافِي (يعني الله پاڪ مون لاءِ ڪافي آهي). هَا مان مراد هَادِي (يعني الله پاڪ ئي راه ڏيکارڻ وارو آهي)، يَا مان مراد پناه ڏيڻ وارو، عَيۡن مان مراد عَالِم (يعني الله پاڪ منهنجي حال کي ڄاڻڻ وارو آهي)، صَاد مان مراد صَادِق (يعني سچو جو هن جيڪو واعدو فرمايو آهي بلڪل حق، سچ آهي.

حضرت مالِڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان ٻئي پنهنجي رستي هليا وياسين، مڪي پاڪ پهتاسين، حج ادا ڪيوسين، هي مِنٰي شريف ۾ حاضري جا ڏينهن هئا، ماڻهو الله پاڪ جي حضور قربانيون پيش ڪري رهيا هئا، ان دوران مون کي اهو ئي نرالو حاجي نظر آيو، ان جي زبان تي ڪجهه عربي اشعار هئا (جن جو ترجمو هيئن آهي:) **(1):** الله پاڪ جو قسم!

جيڪڏهن منهنجي روح کي علم ٿي وڃي ته اهو ڪهڙي ذات سان محبت ڪري ٿو ته قدم جي بجاءِ مٿي پر بيهي رهي **(2):** ماڻهن عيد جي ڏينهن رڍن، ٻڪرين ۽ اُنن جي قرباني ڪئي ۽ محبوب ان ڏينهن منهنجي جان جي قرباني ڪئي، ماڻهن جو حج ٿيو ۽ منهنجو حج منهنجي محبوب وٽ وڃڻ آهي، ماڻهن قربانيون ڪيون ۽ مون پنهنجي جان ۽ پنهنجي رت جي قرباني جو تحفو پيش ڪيو.

شعر پڙهڻ کان پوءِ اهو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو حاجي ٻاڏائڻ لڳو ۽ عرض ڪيائين: اي الله پاڪ! ماڻهن قربانيون ڪيون ۽ تنهنجو قرب حاصل ڪيو، مون وٽ ته ڪجهه به نه آهي جيڪو تنهنجي راهه ۾ قربان ڪيان. ها! هيءَ منهنجي جان آهي، بس مان اها ئي تنهنجي بارگاه ۾ پيش ڪريان ٿو، تون ان کي قبول فرماءِ. اهو چوڻ کان پوءِ ان حاجي هڪ رَڙ ڪئي، زمين تي ڪريو ۽ وفات ڪري ويو. حضرت مالِڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: پوءِ ان سان گڏ ئي غيب مان هڪ آواز گونجي اٿيو: هي الله پاڪ جو پيارو آهي جيڪو محبتِ الٰهي جي تلوار سان قتل ٿيو. [1]

جانتا ہے بارگاہِ حق کے آئین و اُصول؟ | دِل کے ٹکڑوں کی یہاں پر نذر ہوتی ہے قبول

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان کي به الله پاڪ جي محبت ۾ ذوق و شوق سان الله پاڪ جي راهه ۾ قرباني پيش ڪرڻ نصيب ٿي وڃي.

## محبتِ الٰهي ڪنهن کي چوندا آهن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني محبتِ الٰهي جو عملي اظهار آهي، محبتِ الٰهي ڪنهن کي چوندا آهن؟ اچو! اهو به سمجهي وٺون: اعليٰ حضرت جا

1 ...رَوضُ الرِّياحِين، صفحه: 99۔

والد محترم مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: الله پاڪ جي وڏائي، ان جي عظمت، ان جو شوق دل ۾ ايترو پيدا ٿئي جو ان جي ياد ۾ سيني کان بيزار ۽ ان جي طلب ۾ بيقرار رهي، ان ڪيفيت کي محبتِ الٰهي چوندا آهن. (1) حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: محبتِ الٰهي هڪ خاص صفت آهي، جيڪا فرمانبردار مؤمن جي دل ۾ ظاهر ٿيندي آهي، ان جي بدولت پانهو محبوبِ حقيقي (يعني الله پاڪ) جي رضا چاهيندو، ان جي ديدار جي خواهش ڪندو، ان جو قرب حاصل ڪرڻ جي آرزو ۾ بيچين رهندو، انهيءَ جو ذڪر ڪندو آهي ۽ پنهنجون خواهشون ڇڏي ان جي حڪم جي سامهون سر جهڪائي ڇڏيندو آهي. (2)

## اللّٰه ۽ رسول جي محبت فرض آهي

حُجَّةُ الْاِسْلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اُمت ان ڳالهه تي متفق آهي ته الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت فرض آهي. (3) قُوتُ الْقُلُوب ۾ آهي: هر مؤمن الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو آهي، البته هر هڪ جي محبت ان جي ايمان جي پختگي مطابق گهٽ وڌ هوندي آهي. (4)

| | |
|---|---|
| محبّت میں اپنی گما یاالٰہی | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی! |
| رہوں مست و بے خُود میں تیری وِلا میں | پِلا جام ایسا پلا یاالٰہی! |
| مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی! |
| تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے | مرے غوث کا واسطہ یاالٰہی! |

---

1 ...انوارِ جمال مصطفےٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلہٖ وَسَلَّم، صفحہ:416 بتغیر قلیل۔
2...کَشْفُ الْمَحْجُوب، صفحہ:449 بتغیرِ قلیل۔
3 ...احیاء علوم الدین، کتاب المحبۃ و الشوق...الخ،بیان شواہد الشرع فی حب اللہ ...الخ،جلد:4، صفحہ:357۔
4...قوت القلوب،الفصل الثانی و الثلاثون،ذکر احکام المحبۃ...الخ،جلد:2، صفحہ:82۔

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسلمان الله پاڪ سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن

سيپارو: 2، سوره بقره، آيت: 165 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ یَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا یُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِؕ (سيپارو: 2، البقرة: 165)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ڪي ماڻهو الله کان سواءِ ٻيا معبود بڻائيندا آهن انهن کي الله جهڙو محبوب رکندا آهن ۽ ايمان وارا سڀ کان وڌيڪ الله سان محبت ڪندا آهن.

هن آيتِ ڪريمه ۾ 2 قسم جي محبتن جو مقابلو ڪيو ويو آهي: (1): ڪافر جي پنهنجن ڪوڙن خدائن سان محبت (2): مؤمن جي پنهنجي سچي خدا سان محبت. الله پاڪ فرمايو:

وَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِؕ

يعني ڪافر پنهنجن ڪوڙن خدائن سان محبت ته ڪندا آهن پر مؤمن بانهو پنهنجي سچي خدا سان جيتري شديد، جيتري پڪي ۽ گهري محبت ڪندو آهي، اهڙي محبت ناهن ڪندا.

آخر ڪهڙو فرق آهي؟ مؤمن ٻانهي جي پنهنجي رب سان محبت پڪي ڇو آهي؟ ۞ اسان مسلمان الله پاڪ جي عبادت ڪندا آهيون ته ڪافر به پنهنجن ڪوڙن خدائن جي عبادت ڪندا آهن ۞ اسان مسلمان پنهنجي رب جي رضا لاءِ مال قربان ڪندا آهيون ته ڪافر به پنهنجن ڪوڙن خدائن لاءِ

---

1...وسائلِ بخشش، صفحه:105 ملتقطًا۔

مال خرچ ڪندا آهن ۞ اسان مسلمان جيڪڏهن الله پاڪ جو هر حڪم مڃيندا آهيون تہ ڪافر بہ پنهنجي باطل دين جي پيروي ڪندا آهن. پوءِ ڪهڙي وجهہ آهي؟ هي ڇو فرمايو ويو تہ ڪافر پنهنجن ڪوڙن خدائن سان ايتري پڪي محبت نہ ڪندا آهن جيتري پڪي محبت مسلمان پنهنجي سچي خدا سان ڪندا آهن؟

مُفسرينِ ڪرام هن سوال جو جواب ڏنو، لڪن تا: غير مسلم پنهنجن ڪوڙن خدائن لاءِ سڀ ڪجهہ ڪندا آهن پر جڏهن انهن تي ڪو مشڪل وقت ايندو آهي تہ پنهنجن ڪوڙن خدائن کان منهن موڙي ويندا آهن. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَاِذَا رَكِبُوْا فِی الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِیْنَ لَهُ الدِّیْنَ ۚ۬

(سيپارو: 21، العنڪبوت: 65)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ جڏهن ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندا آهن تہ الله پاڪ کي پڪاريندا آهن هن حال ۾ جو انهيءَ جي لاءِ دين کي خالص ڪندا آهن.

تفسير صراطُ الجنان ۾ آهي: زمانہءِ جاهليت جا ماڻهو سامونڊي سفر ڪندي وقت پنهنجن بتن کي ساڻ کڻي ويندا هئا، دورانِ سفر جڏهن هوا مخالف هلندي هئي ۽ ٻيڙي ٻڏي وڃڻ جو خطرو پيدا ٿي ويندو هو تہ اهي ماڻهو بتن کي درياهہ ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا ۽ يَا رَبِّ! يَا رَبِّ! پڪاريندا هئا.

هي آهي ڪافر ۽ مؤمن جي محبت ۾ فرق...!! جڏهن مشڪل پوي تہ ڪافر پنهنجن ڪوڙن خدائن کي ڇڏي ڏيندا آهن پر مؤمن ٻانهي جي هي شان آهي تہ ان تي ڪهڙو بہ وقت اچي، ان جي دل مان محبتِ الٰهي گهٽ نہ ٿيندي آهي ۞ مؤمن کي خوشي ملي تڏهن بہ هي الله پاڪ کي ياد ڪندو آهي ۞ ان کي غم پهچي، پوءِ بہ الله پاڪ کي ئي پڪاريندو آهي ۞ ان کي جڏهن رزق ملي تہ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندو آهي ۞ تنگدستي اچي

وجي ته ان جي رضا ۾ راضي رهندو آهي ۞ ڪنهن وقت ۞ ڪنهن لمحي ۞ ڪنهن حال ۾ مؤمن ٻانهو پنهنجي ربِّ ڪريم جو دروازو ناهي ڇڏيندو.

هاڻي اسان ٿورو پنهنجي حال تي غور ڪريون. اڄ عيد جو ڏينهن آهي، قرباني ڪرڻ جو ڏينهن آهي، محبتِ الٰهي جي عملي اظهار جو ڏينهن آهي، پر ۞ افسوس! عيد جي ڏينهن جانور ته قربان ٿيندا آهن پر سستي ۽ غفلت قربان ناهي ٿيندي. ۞ صد افسوس! محبتِ الٰهي جي عملي اظهار جي ڏينهن به نمازون رهجي وينديون آهن بلڪ ۞ ڪجهه ماڻهو قرباني کي ئي بهانو بڻائي ويندا آهن، مثلاً قاصائي دير سان آيو، ان جي انتظار ۾ جماعت گذري وئي، ڪپڙن تي رت لڳي ويو هو، قرباني ڪندي ڪندي وقت لڳي ويو ۽ نماز قضا ٿي وئي...!! اَلْاَمَان وَالحفيظ! جڏهن ته اها شيءِ جيڪا الله پاڪ جي حضور جهڪڻ جو درس ڏيندي آهي (يعني قرباني) اسان انهيءَ کي بهانو بڻائي الله پاڪ جي حضور حاضري کان محروم رهجي ويندا آهيون. ۞ اهڙيءَ طرح اڄ خوشي جو ڏينهن آهي، ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي عيد جو ڏينهن فضوليات ۾ گذاري ڇڏيندا آهن بلڪ ۞ گناهن ڀريا ڪم ڪيا ويندا آهن ۞ گانا ٻڌا ويندا آهن ۞ عيد جي ڏينهن اسپيشل فلمون ڏنيون وينديون آهن ۞ گناهن ڀريون محفلون سڄايون وينديون آهن ۞ پڪنڪ جي نالي تي ۞ سير و تفريح جي نالي تي ۞ پارڪن ۾ ۞ تفريح گاهن ۾ ۞ درياهن جي ڪناري ۞ سمنڊ جي ڪناري بدنظري جو سامان هوندو آهي ۞ گناهن ڀريا ڪم ٿيندا آهن ۽ ۞ ڪجهه ماڻهو ته مَعَاذَ الله! شراب به پيئندا آهن (الله پاڪ جي پناهه).

ڇا هي آهي عيد ملهائڻ جو انداز...!! اسان ٻڌو! مؤمن ٻانهو هر حال ۾ الله پاڪ سان محبت ڪندو آهي، خوشي به ملهائي ته الله پاڪ جي رضا وارا ڪم

ڪري ملهائيندو آهي، مؤمن ٻانهو اهڙو نہ آهي جو مشڪل اچي تہ رب کي پڪاري، خوشي اچي تہ سرڪش ٿي وڃي، هي تہ ڪافرن جو حال آهي. مؤمن ٻانهو هر حال ۾ الله پاڪ کي ئي ياد ڪندو آهي، انهيءَ سان لَو لڳائيندو آهي، اڄ جيئن تہ محبتِ الٰهي جي عملي اظهار جو ڏينهن آهي، ان لاءِ پڪي نيت ڪريو! اڄ قرباني ڪنداسين، لازمي ڪنداسين ۽ گڏوگڏ محبتِ الٰهي جو عملي اظهار ڪندي اڄ بہ ۽ آئنده پوري زندگي گناهن کان بچندا رهنداسين، الله پاڪ جي محبت ۾ سرمست ٿي، ان جي رضا جا طلبگار بڻجنداسين، هميشہ ان جي رضا وارا ئي ڪم ڪندا رهنداسين اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

نہ دے ایسی خوشیاں جو غفلت میں ڈالیں | خدایا! غمِ مصطفٰے مانگتا ہوں
گناہوں کے امراض نے مجھ کو مارا | اِلٰہی! میں ان سے شفا مانگتا ہوں[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرباني جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيندا!

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ڪنز المدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. تقريبن 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات ۽ مدارس المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (Specialization) ، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا وڃن ٿا.

۞ جامعات ۽ مدارس المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) ۾ شاگردن جو تعداد 5 لک 30 هزار کان وڌيڪ آهي. ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هاڻي تائين تقريبن 74 هزار 887 مدارس

1...وسائلِ فردوس، صفحہ:2 ملتقطًا۔

المدينہ بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد تقريبن 4 لک 26 هزار ڪان وڌيڪ آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي ذريعي تقريبن 24 هزار شاگرد ۽ شاگردياڻيون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۞ هاڻي تائين تقريبن 21 دار الافتاءِ اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد ماهوار درمياني طور 20 هزار آهي. ۞ المدينۃُ العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم سرانجام ڏنو پيو وڃي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين تقريبن 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي، هن شعبي ۾ سوين مدني علماءِ ڪرام خدمتون سرانجام ڏين ٿا. الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مڪتبة المدينہ قائم ڪيو، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز سان ڪتاب شايع ڪيا وڃن ٿا، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتاب ۽ رسالا مفت تقسيم ڪرڻ) جو بہ سلسلو هوندو آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ٿيندا آهن. ۞ دنيا ڀر ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ذميوار موجود آهن. ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪمن لاءِ ملڪ ۽ بيرون ملڪ موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهہ) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن. ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي. ۞ پرنٽ ميڊيا (۾ گهڻن ڪتابن ۽ رسالن سان گڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 وڏين زبانن ۾ شايع ٿيندڙ ڪثير الاشاعت ماهوار آهي). ۞ سوشل ميڊيا (مثلاً

يوٽيوب (*Youtube*) فيس بڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره) تي تقريبن 100 اڪائونٽس آهن، جن تي تقريبن 50 ملين (*Million*) يعني 5 ڪروڙ فالوورز (*Followers*) آهن جڏهن تہ وِيوز جو تعداد بلينز (*Billions*) يعني 100 ڪروڙ ڪان بہ مٿي وڃي پهچي ٿو. ۞ ان ڪان علاوه مدني چينل اردو، انگلش، بنگلا، ڪِڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي. ۞ آئي ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين 32 **موبائل ايپليڪيشن** ۽ 40 **اسلامڪ ويب سائيٽس** لانچ ڪيون ويون آهن. ۞ دنيا پر ۾ مسلمانن جي خيرخواهي لاءِ ايف جي آر ايف جو شعبو قائم آهي، جنهن تحت هن وقت تائين ۞ 34 **لک** 16 **هزار** 673 ٻوٽا لڳايا ويا آهن. ۞ تقريبن 76 **لک** 82 **هزار** 958 ماڻهن جي امداد ڪئي وئي آهي. ۞ 5 **هزار** 566 گهرن جي تعمير ڪئي وئي آهي. ۞ 75 **هزار** 721 خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن. ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين 61 **هزار** 667 مريض وزٽ ڪري چڪا آهن.

اوهان ڪان درخواست آهي تہ قرباني جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو! جيڪڏهن قرباني نہ ڪري رهيا آهيو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم بطور صدقو ئي دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن لاءِ ڏئي ڇڏيو! اوهان جو چندو (يا ڏنل قرباني جي کل کي) ڪنهن بہ جائز ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**نمازِ عيد جو طريقو ٻڌي وٺو**

## نمازِ عيد جو طريقو (حنفي)

پهرين هن طرح نيت ڪريو: ۞ مان نيت ڪريان ٿو 2 رڪعت نماز عيد الاضحيٰ جي، ساڻ 6 زائد تڪبيرن جي، واسطي الله پاڪ جي، پنيان هن امام جي. ۞ پوءِ ڪنن تائين هٿ مٿي کڻو ۽ اَللّٰهُ اَڪْبَر چئي حسبِ معمول دُنَ جي هينان ٻڌي ونو ۽ ثنا پڙهو. ۞ پوءِ ڪنن تائين هٿ مٿي کڻو ۽ اَللّٰهُ اَڪْبَر چوندي لٽڪائي ڇڏيو. ۞ وري هٿ ڪنن تائين مٿي کڻو ۽ اَللّٰهُ اَڪْبَر چئي لٽڪائي ڇڏيو. ۞ پوءِ ڪنن تائين هٿ مٿي کڻو ۽ اَللّٰهُ اَڪْبَر چئي ٻڌي ونو يعني پهرين تڪبير کان پوءِ هٿ ٻڌو، ان کان پوءِ ٻي ۽ ٽين تڪبير ۾ لٽڪايو ۽ چوٿين ۾ هٿ ٻڌي ونو، ان کي هن طرح ياد رکو ته جتي قيام ۾ تڪبير کان پوءِ ڪجهه پڙهڻو آهي اتي هٿ ٻڌڻا آهن ۽ جتي ناهي پڙهڻو اتي هٿ لٽڪائڻا آهن. ۞ پوءِ امام تَعَوُّذ ۽ تَسْمِيه آهستي پڙهي اَلْحَمْد شريف ۽ سورت جهر (يعني بلند آواز) سان پڙهي. ۞ پوءِ رڪوع ڪري. ۞ ٻي رڪعت ۾ پهرين اَلْحَمْد شريف ۽ سورت جهر(يعني بلند آواز) سان پڙهي. ۞ پوءِ 3 ڀيرا ڪنن تائين هٿ مٿي کڻي اَللّٰهُ اَڪْبَر چئو ۽ هٿ نه ٻڌو ۽ چوٿين ڀيري بغير هٿ مٿي کڻڻ جي اَللّٰهُ اَڪْبَر چوندي رڪوع ۾ وڃو ۽ قاعدي مطابق نماز مڪمل ڪري ونو. هر 2 تڪبيرن جي وچ ۾ 3 ڀيرا سُبْحٰنَ الله چوڻ جي مقدار چپ ٻيهي رهڻو آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ...بهارِ شريعت، جلد:1، صفحه:781، حصه:4 ماخوذاً.